# ڪوڙجي
# بدبور

30-Mar-2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

# كوڙ جي بدبو

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ اللّٰه

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(يعني: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت كري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ كائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

مَنقول آهي: جڏهن ڪنهن مجلس ۾ (يعني ماڻهن ۾) ويهو تہ ائين چئو: ”بِسۡمِ اللّٰه الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم وَ صَلَّی اللّٰه عَلٰی مُحَمَّد“ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان تي هڪ ملائڪ مقرّر فرمائيندو جيڪو توهان کي غيبت کان پري رکندو ۽ جڏهن مجلس مان اُٿو تہ چئو:”بِسۡمِ اللّٰه الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم وَ صَلَّی اللّٰه عَلٰی مُحَمَّد“ تہ ملائڪ ماڻهن کي توهان جي غيبت ڪرڻ کان پري رکندو. (اَلۡقَوۡلُ الۡبَدِیۡع،ص۲۷۸ ملتقطاً)

گرچہ ہیں بے حد قصور تم ہو عَفُوّ و غفور
بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ٻه مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيچي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري انڌي ٿي وئي

اَروٰي نالي هڪ عورت حضرت سيدُنا سعيد بن زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سان گهر جي ڪجهه حصي تي جهيڙو ڪيو. پاڻ ارشاد فرمايائون: اها زمين انهيءَ کي ڏئي ڇڏيو، مون رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اهو فرمائيندي ٻڌو آهي: جنهن شخص هڪ گرانٺ زمين به ناحق ورتي، قيامت جي ڏينهن ان جي ڳچي ۾ ست (7) زمينن جو طوق وڌو ويندو. ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ دُعا فرمائي:

ياالله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن اها ڪوڙي آهي تہ ان کي انڌو (Blind) ڪري ڇڏ ۽ ان جي قبر انهيءَ گهر ۾ بڻائي ڇڏ. راوي چون ٿا: مون ڏٺو تہ اها عورت انڌي ٿي چڪي هئي، ديوارن کي هٿ لڳائيندي هلندي هئي ۽ چوندي هئي: مون کي سعيد بن زيد جي بددُعا لڳي آهي، آخر ڪار هڪ ڏينهن گهر ۾ هلندي اها کوهہ ۾ ڪِري مري وئي ۽ اهو کوهہ ان جي قبر بڻجي ويو.

( مسلم،كتاب المساقاة،باب تحريم الظلم، ص٦٦٩،حديث:٤١٣٣)

جھوٹ سے بُغض و حسد سے ہم بچیں
کیجئے رحمت اے نانائے حسین

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ هڪ ڪوڙ جي ڪري ان عورت کي ڪهڙو دردناڪ ۽ عبرتناڪ موت آيو. الله عَزَّوَجَلَّ اِنسان کي بيشمار نعمتن سان نوازيو آهي ، انهن نعمتن مان هڪ عظيم نعمت ”زَبان“ بہ آهي، اها ظاهر طور گوشت جي هڪ ننڍڙي بوٽي آهي، پر خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي عظيمُ الشَّان نعمت آهي. هن نعمت جي قدر تہ شايد گُونگو (Dumb) ئي چاڻي سگهي ٿو. ان جو دُرُست اِستِعمال جنَّت ۾ ۽ غَلَط استِعمال جهنَّم ۾ داخل ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو پنهنجي زبان جو دُرُست اِستعمال ڪندي صدقِ دل سان ڪلمو شريف پڙهي تہ ان جي لاءِ جنَّت واجب ٿي ويندي آهي جيئن تہ

نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرْوَرصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رُوح پرَوَر آهي: جنهن ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله“ چيائين هو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي.“ (مستدرک حاکم، كتاب التو بة والانابة،باب من قال لا اله ..الخ، ٣٥٦/٥، حديث:٧٧١٣)

جيڪڏهن اها ئي زَبان الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ هلي تہ نهايت وڏي آفت جو سامان آهي جيئن تہ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اِنسان جون اڪثر خطائون ان جي زَبان سبب ٿينديون آهن. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، ۴ /۲۴۰، حديث:۴۹۳۳) زبان جي غلط اِستعمال جي هڪ صُورت ڪوڙ ڳالهائڻ بہ آهي. ڪوڙو شخص ماڻهن ۾ تہ پنهنجو اِعتماد وڃائي ذليل ٿيندو ئي آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نوري مخلوق يعني ملائڪ بہ اهڙي شخص وٽ ناهن ايندا، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان جي بدبُو سان ملائڪ هڪ ميل پري ٿي ويندو آهي. (ترمذي،باب ماجاء في الصدق والكذب،الحديث:۱۹۷۹،ج۳،ص۳۹۲)

## ڪوڙي ماڻهو جي وات مان نڪرڻ واري بدبُو

حضرتِ سيدُنا امام عبدالرَّحمٰن ابنِ جَوزي رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: جڏهن مومن بِلاعُذر ڪوڙ ڳالهائيندو آهي تہ ان جي وات (Mouth) مان بدبُودار شيء نڪرندي آهي، ايستائين جو اها عرش تائين پهچي ويندي آهي ۽ عرش کڻڻ وارا ملائڪ ان تي لعنت ڪندا آهن ۽ ان سان گڏ 80 هزار ملائڪ پڻ لعنت موڪليندا آهن ۽ 80 خطائون ان جي ذمي لکيون وينديون آهن، جنهن مان سڀ کان گهٽ اُحد جبل جي مثل آهي. (بستان الواعظين ورياض السامعين ص٦١)

فتاوٰي رضويہ ۾ آهي: ڪوڙ ۽ غيبت باطني گند گيون آهن، لِهٰذا ڪوڙي جي وات مان اهڙي بدبو نڪرندي آهي جو ان وقت حِفاظت جا فرشتا هن کان پري هٽي ويندا آهن. جيئن تہ حديث ۾ بيان ٿيو آهي ۽ اهڙي طرح هڪ بدبو جي باري ۾ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خبر ڏني تہ هي انهن جي وات جي بدبو آهي جيڪي مسلمانن جي **غيبت** ڪندا آهن ۽ اسان کي ڪوڙ يا غيبت جي بدبو محسوس ناهي ٿيندي هن جو سبب اهو آهي تہ اسان هن کان مالُوف (يعني عادي) ٿي ويا آهيون، اسان جا نڪ هن سان ڀريل آهن جيئن چمڙي (يعني کلن) جي

ڪارخانن يا دڪانن جي ويجهو جيڪي رهندا آهن انهن کي هن جي بدبو سان تڪليف ناهي ٿيندي، ڀيو اچي ته هو ان بدبو جي ڪري شديد تڪليف محسوس ڪندو آهي. مسلمان هن نَفِيس فائدي يعني عمده نتيجي کي ياد رکن ۽ پنهنجي رب عَزَّ وَجَلَّ کان ڏڄن، ڪوڙ ۽ **غيبت ڇڏي ڏين. ڇا معاذالله** عَزَّ وَجَلَّ وات مان پاخانو نڪرڻ ڪنهن کي پسند آهي؟ باطن جوڻڪُ کُلي ته معلوم ٿئي ڪوڙ ۽ **غيبت** ۾ پاخاني کان به بدتر بدبو آهي. (غيبت جون تباه ڪاريون، ص ١٣٥)

اچو!بارگاه رِسالت ۾ اسان فرياد ڪريون ٿا:

حسد، وعده خلافی، جھوٹ، چغلی، غیبت و تہمت

مجھے ان سب گناہوں سے ہو نفرت یارَسُوْلَ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!
نه ڪوڙ ڳالهائينداسين نه ڳالهرائينداسين

اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته ڪوڙي جي وات مان اهڙي سخت بدبُو نڪرندي آهي جو رحمت جا ملائڪ هڪ مِيل پري ٿي ويندا آهن، پر اسان کي اها بدبُو ان ڪري محسوس ناهي ٿيندي جو ڪوڙ جي ڪثرت جي ڪري هر طرف ان جي بدبُو جا ڀَپڪا اُٿي رهيا هوندا آهن ۽ اسان جو نڪ (Nose) پڪو ٿي چڪو آهي. ان کي ائين سمجهو ته جڏهن گٽر جي صفائي ڪئي ويندي آهي ته عام شخص ان جي بدبُو سبب اتي بيهي نٿو سگهي، پر ڀنگي (Sweeper)

كي كجھ بہ محسوس ناهي ٿيندو، ان ڪري جو ان جو نڪ ان گندگي جي بدبُو سان پڪوتي چڪو هوندو آهي. تنهنڪري اسان کي ان بُري خَصلت کان ۽ ڪوڙن جي صُحبت کان بچڻ کپي ڇوتہ ڪوڙ ڳالهائڻ اهڙي بُري عادت آهي جو ان جي ڪري ايمان ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ هر هر ڪوڙ ڳالهائڻ ايمان جي ڪمزوري تي دلالت ڪري ٿو، انهيءَ ڳالھ ڏانهن اشارو ڪندي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ سيپاري 14 سُوْرَۃُالنَّحْل جي آيت نمبر 105ھِ ارشاد فرمائي ٿو :

اِنَّمَا یَفْتَرِی الْكَذِبَ الَّذِیْنَ لَا یُؤْمِنُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِۚ وَ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ(۱۰۵)

**ترجموڪنزالايمان:** ڪُوڙو بُهتان اُهي ئِي گهڙيندا آهن جيڪي اللّٰه جي آيتُن تي اِيمان نہ ٿا رکن ۽ اُهي ئِي ڪُوڙا آهن.

هن آيتِ مبارڪ جي تحت تفسيرِ خازِن ۾ آهي تہ ڪافرن طرفان رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي قرآنِ پاڪ بابت پنهنجي طرفان قرآن بنائڻ جو بُهتان لڳايو ويو هو، ان آيت ۾ ان جو رَد ڪيو ويو آهي ۽ هن آيت جو خلاصو هي آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ بُهتان (تهمت) هڻڻ بي ايمانن جو ئي ڪم آهي.

(تفسیرِ خازن ،النحل ،تحت الآیۃ:۱۰۵، ۳/۱۴۳،ملخصاً)

حضرتِ علاّمہ امام فَخرُالدّين محمد بن عُمر رازي رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: هي آيتِ ڪريمہ هن ڳالھ تي قَوِي دليل آهي تہ ڪوڙ تمام ڪبيره گُناهن ۾ سڀ کان وڏو گُناھ ۽ بَد ترين بُرائي آهي، ڇوتہ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙو الزام (Blame) لڳائڻ جي جُرأت اهو ئي شَخص ڪندو آهي، جنهن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نشانين تي يقين نہ هجي يا جيڪو شَخْص غير مُسلِم هجي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو

www.dawateislami.net

ڪوڙ جي مَذَمَّت ۾ اهڙي طرح ڪلام فرمائڻ نهايت ئي سخت تَنبِيہ آهي.

(التفسير الڪبير:۲۴۲/۷، الجزءالعشرون،ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان پڙهو ته قرآنِ ڪريم ۾ ڪوڙ کي بي ايمانن جي صفت قرار ڏنو ويو آهي، يقيناً ڪوڙ اهڙي بُري عادت آهي جو جاهليت واري زماني ۾ قبيلن جا وڏا سردار به ان کان سخت نفرت ڪندا هئا ۽ پاڻ ڏانهن ڪوڙ جي نسبت ڪرڻ پسند نه ڪندا هئا، جيئن ته

جڏهن رُوم جي بادشاه وٽ نبي ڪريم ،رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان خط جي صورت ۾ اسلام جي دعوت پهتي ته ان ابُوسفيان کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو (جيڪي ان وقت مسلمان ته نه ٿيا هئا پر نسب جي اعتبار سان حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ويجها هئا) شاهِ رُوم حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نبوت جي دعوي جي سچائي جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ ابوسُفيان کان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ ڪافي سوال ڪيا، جيتوڻيڪ ان وقت ڪفر جي ڪري ابو سفيان، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان بُغض ۽ عناد رکندا هئا، پر ان باوجود حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪردار ۽ گُفتار جي باري ۾ پڇيا ڪيل سيني سوالن جا جواب شاهِ رُوم کي سچ سچ ٻڌائي ڇڏيا ۽ شانِ رسالت گهٽائڻ جي لاءِ ڪوڙ جو سهارو صرف ان ڪري نه ورتو جو ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري معاشري ۾ مون کي ڪوڙو چيو ويندو ۽ ان بدترين عيب جي مون ڏانهن نسبت ڪئي ويندي. ان ڪري هن موقعي تي شانِ رسالت گهٽائڻ جي لاءِ ڪوڙ نه ڳالهائي سگهڻ ۽ مجبوراً

سچ ڳالهائڻ جو سبب پاڻ بيان ڪن ٿا: فَوَاللّٰهِ لَوْلَا الْحَيَاءُ مِنْ اَنْ يَاْثِرُوا عَلَيَّ كَذِبًا لَكَذَبْتُ عَنْهُ  اللّٰه جو قسم! جيڪڏهن مون کي ان ڳالھ جو شرم نه هجي ها ته ماڻهو مون ڏانهن ڪوڙ منسوب ڪندا ته مان ضرور رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ ڪوڙ ڳالهايان ها.   (بخاري، ڪتاب بدء الوحي،۱۰/۱حديث:۷)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اها ڳالھ واضح ٿي وئي تہ اسلام کان پھريان بہ ماڻھو کوڙ کان سخت نفرت کندا هئا جڏهن تہ حضرت سَيِدُنا ابُو سفيان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ ايمان آڻڻ کان پھريان نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ صرف ان کري کوڙ نہ ڳالھايائين تہ ماڻھو ان جي باري ۾ ائين ڳالھيون کندا تہ ابُوسفيان جھڙو معزز سردار بہ کوڙ ڳالھائي ٿو. غور کيو! کوڙ کھڙي نہ بُري عادت آهي جو اسلام کان پھريان بہ ماڻھن جي ويجھو معيوب (Disgusting) سمجھيو ويندو هو، تہ اسان مسلمان ٿي هن بُري آفت کان بچڻ جي کوشش چو نٿا کيون؟ جڏهن تہ اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ اسان کي هن کان بچڻ جو حکم ارشاد فرمايو آهي، جيئن سيپاري 17 سُوْرَۃُ حَج آيت 30 ۾ اِرْشاد آهي:

وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿۳۰﴾ **ترجموڪنزالايمان:** ۽ بچو ڪُوڙي ڳالھ کان

اللہ ہمیں جھوٹ سے غیبت سے بچانا مولیٰ ہمیں قیدی نہ جہنّم کا بنانا
اے پیارے خدا از پئے سلطانِ زمانہ جنّت کے محلّات میں تُو ہم کو بسانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ قرآنِ پاڪ ۾ اسان کي کوڙ کان بچڻ جو حکم ڏنو ويو آهي، چوتہ کوڙ ڳالھائڻ ايمان جي ڪمزوري جي نشاني آهي، کوڙ هڪ اهڙو مرض آهي جيڪو اسان جي مُعاشري (Society) ۾ تيزي سان ڦھلجي رهيو آهي، کوڙ ڳالھائڻ وارو اهو ئي سوچي ٿو تہ هڪ ڀيري کوڙ ڳالھائڻ سان کھڙو وڏو نُقصان ٿي پوندو، اهو ذِهن رکڻ وارا نادان ماڻھو اهڙو نُقصان کڻن ٿا جو ڪڏهن ڪڏهن جان بہ هلي ويندي آهي. اچو هن باري ۾ هڪ عبرت انگيز حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن

## ڪوڙ کي مَعمُولي عَيب سمجهڻ واري جو عِبرَتناڪ انجام

ڪنهن شهر ۾ هڪ واپاري رهندو هو، مال ۽ دولت جي گهڻائي سان گڏوگڏ الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي هڪ حسين ۽ خوبصورت زال به عطا فرمائي هئي، ٻئي هڪ ٻئي کي بيحد چاهيندڙ ۽ هڪ ٻئي جو خيال رکندڙ هئا، انهن سوچيو ته اسان وٽ هڪ غلام (Slave) هجي ها جيڪو اسان جون حاجتون پوري ڪري هئا. (انهيءَ سوچ کي سامهون رکندي) هو واپاري بازار ويو، اتي ان کي هڪ سٺي شڪل صورت وارو غلام نظر آيو، جنهن جو آقا هي صدا لڳائي رهيو هو: مان هن غلام کي وڪڻي رهيو آهيان، پر هن ۾ اها هڪ بُرائي آهي ته سال ۾ هڪ ڀيرو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، اهو ٻڌي واپاري چوڻ لڳو: اهو ته ايترو وڏو عيب ناهي، واپاري هن غلام کي خريد ڪري گهر وٺي آيو، غُلام پنهنجي نئين آقا (واپاري) جي خدمت ڪرڻ لڳو، واپاري کي به اهو غلام پسند اچڻ لڳو، سال پورو ٿيڻ وارو هو ۽ واپاري ان غلام جو عيب به وساري چڪو هو، هڪ ڏينهن غلام واپاري جي زال وٽ آيو ۽ چيائين: منهنجي ڳالهه غور سان ٻُڌو ۽ غفلت واري خواب مان بيدار ٿيو پنهنجي جان بچايو! مُعاملو هي آهي ته اوهان جو مرد اوهان کي ڇڏڻ جو پورو منصوبو ٺاهي ورتو آهي، چوته هو ڪنهن وڏي ماڻهو جي ڌيءَ کي چاهي ٿو، ان ڪان پهريان جو گهڻي دير ٿي وڃي ڪا ترڪيب سوچي وٺو، مان ته صرف اوهان جي شفقتن جي لاڄ رکندي اهو سڀ ٻڌائي رهيو آهيان، واپاري جي زال اها ڳالهه ٻڌي گهڻي پريشان ٿي ۽ انهيءَ غلام کي چيو ته تون ڪو مشورو ڏي : غلام چيو: جيڪڏهن اوهان ان جو ڪو وار ڪٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو ته پوءِ اوهان جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو، چوته مان هڪ شخص کي سڃاڻان ٿو جيڪو وارن تي دَم ڪري ڏيندو آهي ، جيڪڏهن ان جي دَم ڪيل وارن کي ساڙي ان جو دونهون ان جي نڪ جي ويجهو ڪٽي وڃجي ۽ اهو دُونهون ان

جي دماغ (Brain) تائين پهچي وڃي ته هو هميشه جي لاءِ اوهان جو غلام بڻجي رهندو، پر ياد رهي ته اهي وار بلڪل ڳچيءَ واري هڏي وٽان هجن، زال چيائين: پر ان هنڌان وار ڪيئن ڪٽنديس؟ غلام چيائين: مان اوهان کي اُسترو آڻي ڏيندس، جڏهن آقا گهري ننڊ سمهي پون ته ڳلي وٽان وار ڪوڙي ونجو، هن مشوري تي ٻئي متفق ٿي ويا. هاڻي هو غلام واپاري وٽ ويو ۽ چيائين: سردار! مان اوهان کي هڪ نهايت افسوس ناڪ ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو، هي به صرف ان ڪري جو مان اوهان جي شفقت ۾ آهيان، اصل ۾ اوهان جي زال اوهان کان بد دِل ٿي وئي آهي ۽ هوءَ ڪنهن ٻئي سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي، هن سلسلي ۾ ان اوهان کي قتل ڪرڻ جو پُورو منصوبو به ٺاهيو آهي، جيڪڏهن اوهان منهنجي ڳالهه جي سچائي جاڻڻ چاهيو ٿا ته اڄ رات بستر تي ان کي ائين ظاهر ڪجو ته جيئن اوهان گهري ننڊ سمهي رهيا آهيو، تڏهن اوهان کي اصل ڳالهه جي خبر پوندي، غلام جي هن ڪوڙ جو واپاري جي دِل تي وڏو اَثر ٿيو ۽ ان غلام جي ڳالهه مڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو، جڏهن رات ٿي ته واپاري ڪاڏي وغيره کان فارغ ٿي بستر تي ليٽي پيو ۽ اهو ظاهر ڪيائين جيئن هو تمام گهري ننڊ سمهي چڪو آهي، جڏهن ان جي زال اُسترو کڻي وار ڪٽڻ جي اِرادي سان اڳتي وڌي ۽ اُسترو ڳلي تي رکڻ لڳي، ته واپاري هڪدم اک کولي ورتي ۽ اُسترو ايترو ويجهو ڏسي ان کي غلام جي ڳالهه جو يقين ٿي ويو، ان هڪدم زال کان اُسترو کسيو ۽ ان جي ڳلي تي هلائي ڇڏيو، يڪدم رت جو ڦوارو نڪتو، ۽ پوءِ هوءَ تڙپي تڙپي واپاري جي هٿ ۾ ٿڌي ٿي، تڏهن واپاري کي ڪجهه هوش آيو ته هو چا ڪري وينو آهي، آخرڪار اهو معاملو سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويو ۽ واپاري کي به پنهنجي زال جي قتل جي سزا ۾ سُولي چاڙهيو ويو. (فاكهة الخلفاء ، ص١٥٧، دارالأفاق العربية)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ته ڪوڙ ڪيئن خُوشين ڀري گهر کي ويران ڪري ڇڏيو ان ۾ رهندڙن کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيو. هن حڪايت مان

معلوم ٿيو تہ كوڙ كي معمولي عيب نہ سمجهڻ گهرجي جيئن تہ ان واپاري غلام جي ان عيب كي معمولي سمجهيو ۽ آخركار كيتري وڏي نقصان كي منهن ڏيڻو پيو. اهو بہ معلوم ٿيو تہ هك طرفو كنهن جي ڳالهہ ٻڌي ان تي يقين نہ كرڻ گهرجي، جيستائين چڱي نموني تحقيق نہ كئي وڃي جيئن تہ هن حكايت ۾ واپاري ۽ ان جي زال كوڙي غلام جي ڳالهہ ٻڌي يقين كري ورتو جنهن جو ڀيانك نتيجو نيٺ ٻنهي زال مڙس كي ڀوڳڻو پيو.

كوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نہ كوڙ ڳالهائينداسين نہ ڳالهرائينداسين

اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! كيترا بُرا آهن اهي ماڻهو جيكي كوڙ ڳالهائي زال مڙس، دوستن ۽ عزيزن جي وچ ۾ جدائي كرائيندا آهن جڏهن تہ شريعتِ مطهره كي مسلمانن جو پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد ايتري قدر محبوب آهي جو هك ٻئي كي راضي كرڻ ۽ صلح كرائڻ جي لاءِ كوڙ ڳالهائڻ جي اجازت عطا فرمائي آهي.

حضرتِ سَيِّدُنا ابو كاهل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ٻن صحابين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي وچ ۾ كجهہ بحث ٿي ايستائين جو ٻنهي پاڻ ۾ قَطع تَعلُّق كري ورتو تہ مون انهن مان هك كان ملاقات كئي ۽ چيو: توهان جو فُلاڻي سان ڇا معاملو آهي؟ مون تہ ان كان توهان جي وڏي واكاڻ ٻڌي آهي، پوءِ مان ٻئي كان مليس ۽ ان كي بہ اهڙي طرح چيو، ايستائين جو انهن ٻنهي وچ ۾ صلح ٿي وئي پوءِ مون

(پنهنجي دل ۾) چيو: مون ٻنهي جي وچ ۾ صلح نه ڪرائي ڇڏي پر (ڪوڙ ڳالهائي) پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏيو، پوءِ مون هن ڳالهه جي خبر رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏني ته پاڻ اِرشاد فرمايائون: اي ابو ڪاهل! ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرايو، توڙي جو ڪوڙ ڳالهائڻو پوي. (معجمِ ڪبير، قيس بن عائذابو ڪاهل ، ١٨ /٣٦١، حديث :٩٢٤)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمانن ۾ جهيڙو ڪرائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ مذمت جوڳو ڪم آهي جنهن جي ڪري پاڻ ۾ انتشار پکڙبو، نفرت ۽ عداوت وڌندي آهي، تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڊڄڻ گهرجي ۽ ڪوڙ جهڙي مُهلِڪ (هلاڪ ڪرڻ واري) بيماري کان پاڻ کي بچايو، نه ته ڪوڙ ظاهر ٿيڻ تي دُنيا ۾ ته ذلّت ۽ رُسوائي ٿيندي ئي آهي، آخرت ۾ به ان کي دردناڪ عذاب تي سگهي ٿو، اچو! ڪوڙ کان نجات ۽ هميشه سچ جو دامن پڪڙڻ جي نِيت سان 3 فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جَنَّت ۾ وٺي ويندي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ فِسق ۽ فُجُور آهي ۽ فِسق ۽ فُجُور (گناهه) دوزخ ۾ وٺي ويندو آهي. (صحيح مسلم،ڪتاب الادب،باب قبح الڪذب ،الحديث:٦٦٣٨،ص:١٠٧٧،ملتقطاً)

2. ارشاد فرمايائون: ڪوڙ گُناهه ڏانهن ڪٺي ويندو آهي ۽ گُناهه جهنّم ڏانهن ڪٺي ويندو آهي ۽ بيشڪ انسان ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي، ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ڪذّاب يعني نهايت وڏو ڪوڙو تي ويندو آهي. (بخاري ، ڪتاب الادب، باب قول الله تعاليٰ، ١٢٥/٤، رقم:٦٠٩٤)

3. بارگا ه رسالت ۾ هڪ شَخص حاضِر ٿي عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو عَمَل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: ڪوڙ ڳالهائڻ، جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ته گُناهه ڪندو آهي ۽ جڏهن گُناهه ڪندو آهي

تہ ناشُڪري ڪندو آهي ۽ جڏهن ناشُڪري ڪندو آهي تہ جهنَّم ۾ داخِل ٿي ويندو آهي. (المسندللامام احمد بن حنبل، مسند عبدالله ابن عمرو بن العاص، ٢/٥٨٩، رقم:٦٦٥٢)

ہائے نافرمانیاں بدکاریاں بے باکیاں ‏ آہ! نامے میں گُناہوں کی بڑی بھرمار ہے
زِندگی کی شام ڈَھلتی جارہی ہے ہائے نَفْس! ‏ گرم روز و شَب گناہوں کا ہی بس بازار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! ‏ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ سچ ڪهڙي پاڪيزه عادت آهي جيڪا انسان کي جنّت تائين پهچائيندي آهي جڏهن تہ ڪوڙ ڳالهائڻ اهڙي بدترين صِفت آهي جيڪا جهنَّم جي اونهاين ۾ ڌڪيندي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ وارو الله عَزَّ وَجَلَّ وٽ ڪذّاب (يعني تمام وڏو ڪوڙو) لکيو ويندو آهي ۽ اها بد عادت انسان کي فاسق ۽ فاجر بڻائيندي آهي.

مُفَسّرِ شَهير،حڪيم الأمَّت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ڪوڙو ماڻهو اڳتي هلي پڪو فاسِق ۽ فاجِر بڻجي ويندو آهي، ڪوڙ هزارين گناهن تائين پهچائي ڇڏيندو آهي. تجربو پڻ هن تي شاهد آهي، سڀ کان پهريون ڪوڙ شيطان ڳالهايو تہ حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام کي چيائين مان توهان جو خير خواه آهيان. وڌيڪ فرمائن ٿا: (ڪوڙو) شخص هر قسم جي گناهن ۾ ڦاسي ويندو آهي ۽ قدرتي طور تي ماڻهن کي ان تي اعتبار ناهي رهندو، ماڻهو ان کان نَفرَت ڪرڻ لڳندا آهن. (مراة المناجيح، ٦/٤٥٣)

میں جھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نکالوں
اللہ مرض سے تُو گناہوں کے شفا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! ‏ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ماڻھن کي کلائڻ جي لاءِ کوڙ ڳالهائڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گُناھ چاھي ننڍو ھجي يا وڏو ان کان بچڻ ۾ ئي عافيت آھي، خاص ڪري ڪوڙ کان ڇوتہ ھڪ ڪوڙ ڪيئي گناھن جو سبب بڻجندو آھي ۽ ھڪ ڪوڙ کي لڪائڻ جي لاءِ ماڻھن کي ڪيئي وڏيڪ ڪوڙ ڳالهائڻا پوندا آھن. پر بدقسمتي سان اڄ ماڻھن جو ھڪ تعداد ڪوڙ جي آفت ۾ گرفتار آھي، ڪيئي موقعا اھڙا آھن جتي سچ ڳالهائڻ ۾ ڪا خرابي ناھي ھوندي پوءِ بہ ماڻھو ڪوڙ جو سھارو وٺندا آھن، مثال طور جتي ڪجھ ماڻھن جي ڪچھري ھجي تہ اتي ھڪ ٻئي کي کلائڻ ۽ محفل کي گرمائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهايو ويندو آھي. ماڻھن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ جي مذمت تي بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو،

1. ارشاد فرمايائون: ٻانھو ڳالھ ڪندو آھي ۽ صرف ان ڪري ڪندو آھي تہ ماڻھن کي کلائي، ان جي ڪري جھنم جي ايتري اونھائي ۾ ڪرندو آھي جيڪا آسمان ۽ زمين جي وچ جي فاصلي کان گھٽي آھي ۽ زبان جي ڪري جيتريون غلطيون ٿينديون آھن، اھي ان کان ڪيئي گنا وڏيڪ آھن جيتريون قدم کان غلطيون ٿينديون آھن. (شعب الإيمان، باب في حفظ اللسان، ٢١٣/٤، حديث: ٤٨٣٢)

2. ارشاد فرمايائون: خرابي آھي ان جي لاءِ جيڪو ڳالھ ڪري تو ڪوڙ ڳالهائي تہ جيئن ان سان قوم کي کلائي، ان جي لاءِ خرابي آھي، ان جي لاءِ خرابي آھي. (ترمذي ،١٤٢/٤، حديث: ٢٣٢٢)

جھوٹی باتیں کرنے والے توبہ کر
بات میری مان تُو اللہ سے ڈر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فضول ڪچهري ڪرڻ، هوٽلن جي رونق وڌائڻ، دوستن جي مجلسن ۾ وقت وڃائڻ، محفل گرمائڻ ۽ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙا اَفسانا ٻڌائڻ ۾ سَراسر نقصان ئي نقصان آهي، ڇوته اهڙين مجلسن ۾ ويهي پنهنجي زبان کي فضول ڳالهين، غيبتن، چغلين ۽ ڪوڙ وغيره جهڙن گناهن کان بچائڻ اِنتهائي دُشوار ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪڏهن مجبوري ۾ اهڙين مجلسن ۾ ويهڻو پوي ته انهن گناهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جي بدران سچائي کان ڪم وٺڻ گهرجي، اسان جي بزرگانِ دِين ڪڏهن به ڪوڙ جو سهارو نه ورتو بلڪ سچ ڳالهه ڪندا هئا جيتوڻيڪ سامهون واري کي نه وڻي، جيئن :

حضرتِ سيدُنا طاؤس رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْه وقت جي بادشاهه هشّام وٽ ويا ۽ پڇيائون: هشّام! ڪيئن آهيو؟ ان ڪاوڙ ۾ چيو: اوهان مون کي ”اميرُ المؤمنين “ ڇئي مخاطب ڇو نه ڪيو؟ فرمايائون: ان ڪري جو تمام مسلمان توهان جي خِلافت تي مُتَّفِق نه آهن، تنهنڪري مونکي خوف ٿيو ته توهان کي اميرُ المؤمنين چوڻ ڪٿي ڪوڙ نه هجي. هن حڪايت کي نقل ڪرڻ کان بعد حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرتِ سيدُنا امام محمدبن محمد غزالي رَحْمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: لهٰذا جيڪو ماڻهو ايتري قَدَر حق پسند ۽ صاف گو هجي ۽ ان قسم جي ڳالهين (مَثَلاً غيبتن، چغلين، رياڪارين، خود پسندين، خوشامدين وغيره وغيره) کان بچي سگهندو هجي، اهو بيشڪ ماڻهن ۾ مِلي جُلي رهي، نه ته پنهنجو نالو مُنافِقن جي فِهرست ۾ لکرائڻ تي راضي ٿي وڃي. (احياء العلوم، ۲/ ۲۸۷)

**ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!**

**نه ڪوڙ ڳالهائينداسين نه ڳالهرائينداسين**

**اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ**

## ڪنهن شيءِ جي خواهش هئڻ جي باوجود ڪوڙ ڳالهائڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مُعاشري ۾ ڪوڙ جي هڪ صورت اها بہ عام آهي تہ هڪ شخص کي ڪنهن شيءِ جي خواهش هوندي آهي ۽ هو ان کي حاصل بہ ڪرڻ چاهيندو آهي پر جڏهن ان کان پڇيو ويندو توهان کي هن جي حاجت آهي تہ هو ڪوڙ ڳالهائيندي چوندو آهي تہ مون کي هن جي ڪا ضرورت ناهي. حضرتِ سيدَتُنا اَسماء بنت عميس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي ڪنهن شيءِ جي خواهش هجي ۽ هو چوي تہ مون کي ان جي خواهش ناهي تہ ڇا اهو ڪوڙ ۾ شُمار ٿيندو؟ اِرشاد فرمايائون: بيشڪ ڪوڙ کي ڪوڙ لکيو ويندو آهي، ايستائين جو ننڍي ڪوڙ کي ننڍو ڪوڙ لکيو ويندو آهي. (اتحاف السادة المتقين،کتا ب آفات اللسان ، باب الحذر من الكذب بالمعاريض،٩ /٢٨٣) حضرتِ سيدَتُنا اَسماء بنْتِ يزيدرَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: نبي ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ کاڌو حاضر ڪيو ويو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي عطا فرمايو، اسان چيو: اسان کي خواهش نہ آهي.فرمايائون: بک ۽ ڪوڙ ٻنهي شين کي گڏ نہ ڪريو.

(ابنِ ماجه،كتاب الاطعمة،باب عرض الطعام،٢٦/٤،حديث:٣٢٩٨)

صَدرُ الشريعہ،بدرُالطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظميرَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هي حديثِ پاڪ ذڪر ڪرڻ کان بعد فرمائن ٿا: بک جي وقت ڪو کاڌو کارائي تہ کائي ڇڏي اهو نہ چوي تہ بک ناهي ڇوتہ کاڌوبہ نہ کائڻ ۽ ڪوڙ بہ ڳالهائڻ دُنيا ۽ آخرت ٻنهي جو نقصان آهي. بعض تڪلف ڪرڻ وارا ائين ڪندا آهن ۽ گهڻا ڳوناٺا هن قسم جي عادت رکن ٿا تہ جيستائين انهن کي بار بار نہ چيو وڃي، کائڻ کان اِنڪار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان کي خواهش نہ آهي، ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچڻ ضروري آهي. (بهارِ شريعت،٣٤٢/٣،حصه:١٦) مشهورمفسرِ قرآن،

حڪيمُ الاُمَّت حضرتِ مفتي احمد يارخان رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪاڏو ڪائڻ وقت ڪير اچي وڃي تہ ان کي بہ ڪائڻ جي لاءِ سڏڻ سُنَّت آهي، پر دِلي اِرادي سان سڏي ڪوڙي تواضع نہ ڪري ۽ اچڻ وارو بہ ڪوڙ ڳالهائي اهو نہ چوي تہ مون کي خواهش نہ آهي تہ جيئن بک ۽ ڪوڙ جو اِجتماع نہ ٿئي، بلڪ جيڪڏهن (نہ ڪائڻ چاهي يا) ڪاڏو گهٽ ڏسي تہ چئي ڇڏي: بَارَكَ الله ( يعني الله عَزَّوَجَلَّ برڪت ڏي). ( مر آةالمناجيح،۳/۲۰۲)

## ٻارن جي مدني تربيت:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! ڪوڙ تمام بُري بيماري آهي، هن ڪوڙ کان اسان کي پاڻ بہ بچڻو آهي ۽ پنهنجي اولاد جي بہ اهڙي مدني تربيت ڪرڻي آهي جو هو بہ ننڍپڻ کان ئي هن **ڪبيره گناه** کان واقف ٿين، انهن کي خبر هجي تہ ڪوڙ ڇا ٿيندو آهي، سچ ڳالهائڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن، ڪوڙ ڳالهائڻ جا ڪهڙا ڪهڙا نقصان آهن، عام طور تي ڏٺو ويندو آهي تہ ڪيئي معاملن ۾ اسان پنهنجي اولاد جي صحيح طرح سان تربيت نہ ڪري سگهندا آهيون، ڇوتہ ان پاسي ڌيان گهٽ هوندو آهي، بلڪ ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو آهي تہ **ڪوڙ** جي معاملي ۾ ڇڻ اسان ان جي غلط تربيت ڪري رهيا آهيون، ذهن ۾ سُوال اُڀري ٿو، اهو ڪيئن؟ جي ها! ٻڌو ڪيئن؟ ڪڏهن **دروازي تي دَستڪ** ٿيندي آهي، گهر ۾ موجود هئڻ باوجود بہ ڪنهن ٻار کي اهو چئي موڪليو ويندو آهي تہ پٽ چئجو: **"بابا گهر نہ آهن"**، بنا سبب جي ٻار جي اسڪول کان غير حاضر ٿيڻ جي صورت ۾ جڏهن ٽيچر رابطو ڪندا آهن تہ جواب ڏنو ويندو آهي تہ اسان جو پٽ **ايترن ڏينهن کان بيمار** آهي، جڏهن تہ موڪلون ڪنهن ٻئي سبب ٿينديون آهن، ان طرح جا ڪيئي ٻيا مثال بہ آهن تہ

جيڪڏهن انهن ننڍين ڳالهين ۾ اسان پنهنجي ٻارن جي مدني تربيت نہ ڪئي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ انهن جي **عادت** ۾ شامل ٿي سگهي ٿو.

**ياد رکو!** جيڪڏهن انهن جي تربيت جو اهو ئي انداز رهيو تہ شايد ٻار سُڌرڻ بدران وڌو ٿي وڌيڪ بگڙجي وڃي ڇوتہ ان کي خبر هوندي تہ جيڪڏهن "**ڪوڙ**" واقعي ڪا بُري شيءِ هجي ها تہ يقيناً منهنجا ماءُ پيءُ ان ڪان مون کي اهڙي طرح بچائن ها، جهڙي نموني مون کي ٻين نقصان پهچائڻ وارن ڪمن کان بچائيندا هئا، منهنجي حفاظت ڪندا هئا، منهنجي تربيت ڪندا هئا.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قُربان وڃو! اَمِيرِ اَهلِسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مدني سوچ تي جو پاڻ اُمّت جي اصلاح جي فڪر ۾ ڪهڙي ڪهڙي انداز سان نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۾ مصروف آهن، هر شعبي سان وابستہ افراد کي وقتاً فوقتاً مدني تربيت ۽ رهنما اُصولن سان نوازيندا رهندا آهن، جي ها! انهي موضوع يعني "**ڪوڙ**" جو مثال وٺو، ڪتاب ۽ رسالا ۽ مدني مذاڪرن ۾ هن موضوع تي مدني تربيت فرمائڻ سان گڏوگڏ پاڻ 44 صفحن تي مُشتمل نهايت ئي معلوماتي رِسالو اُمّتِ مُسلمہ کي عطا فرمايو آهي، هي اهڙو رِسالو آهي جيڪو ٻارن سان گڏ وڏن جي لاءِ بہ ان ۾ نهايت ئي پياري انداز ۾ مدني تربيت ڪئي وئي آهي، جي ها! ان رِسالي جو نالو آهي "**ڪوڙو چور**". اهو رِسالو "**ٻارن جون سچيون ڪهاڻيون**" مان ڇوٿون رِسالو آهي، هن رِسالي ۾ اوهان پڙهي سگهندا: * **ڪوڙي چور** کي ڪهڙي سزا ملي؟ * **ٽيڏي لٺ وارو ڪوڙو چور** ڪير هو؟ ڪوڙ ڳالهائڻ وارن جا **ٻار سُوئرڪيئن** بڻجي ويا ؟ * ڪوڙو **دوزخ** ۾ ڪهڙي شڪل ۾ ويندو * **ڪوڙو خواب** ٻڌائڻ جو ڪهڙو انجام آهي؟ * **سچ ڳالهائڻ واري** ٻڪرار (يعني ٻڪريون چاريندڙ) کي

www.dawateislami.net

ڪهڙيون برڪتون مليون * سچ ڳالهائڻ سبب جان ڪيئن بچي؟ * ٻارن جي ڪوڙ جا 24 مثال* ٻارن وڏن سيني جي لاءِ ڪارائتا (ڪم ايندڙ)مدني گل وغيره.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نه ڪوڙ ڳالهائينداسين نه ڳالهرائينداسين

اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪوڙي خواب بيان ڪرڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪوڙ ڳالهائڻ جي هڪ صورت اها بہ عام آهي تہ بعض ماڻهو هر دلعزيز بڻجڻ يا ڪنهن ٻي غرضِ فاسد جي لاءِ ڪوڙا خواب ناهي ٻڌائيندا آهن، ياد رکو! اهو بہ ناجائز ۽ گناهہ آهي، احاديثِ مبارڪہ ۾ ان بابت سخت وعيدون بيان ٿيون آهن، جيئن سردارِ جهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: سڀ کان وڏو ڪوڙ هي آهي تہ انسان پنهنجي پيءُ جي علاوه ڪنهن غير ڏانهن منسوب هجي يا خواب ۾ اهڙي شيء ڏسڻ جو دعويٰ ڪري، جيڪو ان ناهي ڏٺو يا مون بابت اها ڳالهہ منسوب ڪري جيڪا مون ناهي چئي. (بخاري، ڪتاب المناقب، باب نسبة اليمن الي اسماعيل، ٢/٤٢٦، حديث: ٣٥٠٩) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص ڪوڙو خواب بيان ڪري، قيامت جي ڏينهن ان کي جَوَ جي ٻن ڏاڻن جي وچ ۾ ڳنڍ لڳائڻ جو عذاب ڏنو ويندو ۽ هو ڪڏهن بہ ڳنڍ نہ لڳائي سگهندو.

(بخاري ،ڪتاب التعبير ، باب من ڪذب في حلمه ،٤/٤٢٢، حديث:٧٠٤٢)

www.dawateislami.net

## ڪوڙي خواب ٻڌائڻ جو انجام

ڪوڙي خواب ٻڌائڻ وارن کي عذابِ آخرت جي علاوه ڪڏهن ڪڏهن دُنيا ۾ بہ سخت شرمندگي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، هن باري ۾ هڪ عبرتناڪ حڪايت ٻڌو، جيئن

حضرت امام محمد بن سيرين رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي هڪ ماڻهو چيو: مون خواب ڏٺو تہ منهنجي هٿ ۾ شيشي جو هڪ پيالو آهي، جنهن ۾ پاڻي بہ موجود آهي اهو پيالو ٽٽي ويو آهي پر پاڻي ساڳي طرح موجود آهي، اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون: الله عَزَّ وَجَلَّ کان ڊڄ (۽ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ) ڇوتہ تو اهڙو ڪو خواب ناهي ڏٺو، اهو ماڻهو چوڻ لڳو: سبحن الله! مان هڪ خواب ٻڌائي رهيو آهيان ۽ اوهان فرمائي رهيا آهيو تہ مون خواب ناهي ڏٺو! پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن فرمايو: بيشڪ اهو ڪوڙ آهي ۽ آءُ انهيءَ ڪوڙ جي انجام جو ذميدار نہ آهيان، جيڪڏهن تو واقعي اهو خواب ڏٺو آهي تہ تنهنجي گهرواريءَ کي ٻار پيدا ٿيندو پوءِ اها مري ويندي ۽ ٻار زنده رهندو، ان کان پوءِ اهو ماڻهو جڏهن هليو ويو تہ پوءِ چوڻ لڳو: الله جو قسم! مون اهڙو خواب نہ ڏٺو هو! اهو ٻڌي ڪنهن چيو: پر امام محمد بن سيرين رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه خواب جي تعبير بيان ڪئي آهي، حضرت سيدنا هشام رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بيان فرمائن ٿا: انهيءَ واقعي کي وڌيڪ عرصو نہ گذريو جو ڪوڙو خواب بيان ڪرڻ واري وٽ ٻار جي ولادت ٿي پر انهي جي گهرواريءَ مري وئي ۽ ٻار زندھ رهيو. (تاريخ ابنِ عساڪر، محمد بن سيرين، ۵۳ / ۲۳۲)

جھوٹی باتیں کرنے والے باز آ
ورنہ ہے اس میں خسارہ آپ کا

www.dawateislami.net

## مال وڪڻڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ جي هڪ صورت اها بہ آهي تہ ماڻهو پنهنجو مال وڪڻڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندا آهن بلڪ ڪوڙي قسم کائڻ کان بہ پاسو ناهن ڪندا، ڪاروبار (Business) ۾ ڪثرت سان ڪوڙ ڳالهائڻ، بدقِسمتي سان ڪمال ۽ ترقي جي علامت ڄڻهن تہ مَعَاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ سچ ڳالهائڻ کي بيوقوفي ۽ ترقي ۾ رڪاوٽ تصور ڪيو ويندو آهي. اهڙن ماڻهن کي پنهنجي ذهن ۾ اها ڳالھ چڱي طرح ويهارڻ گهرجي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جيڪو رِزق اسان جي نصيب ۾ لکي ڇڏيو آهي اهو ئي ملندو. نہ تہ سچ ڳالهائڻ سان اسان جي حصّي جي رِزق ۾ ڪا ڪمي ايندي ۽ نہ اسان ڪوڙ ڳالهائي پنهنجي حصّي کان وڌيڪ رِزق حاصل ڪري سگهون ٿا البت ڪوڙ ڳالهائڻ بي برڪتي، مَعاشي تباهي ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي جو سبب آهي، هن باري ۾ 2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهو ۽ ڪاروبار ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ کان توبہ ڪريو.

1. ارشاد فرمايائون: ”خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ واري کي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان اختيار آهي، جيڪڏهن ٻنهي سچ ڳالهايو ۽ گَواهہ ٻڌائي ورتا تہ انهن جي سودي ۾ برڪت ڏني ويندي ۽ جيڪڏهن ٻنهي لڪايو ۽ ڪوڙ ڳالهايو تہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن کي نفعو تہ ٿئي پر انهن جي سودي مان برڪت ڪڍي ويندي.“ (سنن ابي داؤد، كتاب البيوع، باب في خيار المتبايعين ،الحديث: ٣٤٥٩،ص٣٧٧)

2. ارشاد فرمايائون: بيشڪ واپاري ئي فاجر آهن. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رَسُولَ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا اللہ عَزَّ وَجَلَّ خريد ۽ فروخت حلال ناهي ڪيو؟" تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: "ڇو نہ، پر هو ڳالھ ڪن ٿا تہ ڪوڙ ڳالهائن ٿا، قسم کڻن ٿا ۽ گناهگار ٿين ٿا " (المسند للامام احمد بن حنبل،حديث عبد الرحمٰن بن شبل، الحديث: ١٥٥٣٠، ج٥، ص٢٨٨)

بدگمانی، جھوٹ، غیبت، چغلیاں
چھوڑدے تُو ربّ کی نافرمانیاں

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اسان سچائي، اَمانت، عدل و اِنصاف، تقويٰ و پرهيزگاري، احسان ۽ ڀلائي، اِيثار وخير خواهي کي اپنائي اسلام جي عطا ڪيل ڪاروباري اُصولن (Rules) جي مُطابق تجارت ڪنداسين ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي ڪاروبار ۾ برڪت ٿيندي، اسلامي مُعاشري ۾ شاندار خوشحالي ايندي ۽ الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا ۽ خُوشنودي به نصيب ٿيندي .

اے مِلاوٹ کرنے والے مان جا خوف کر بھائی عذابِ نار کا
چھوڑ دو اے تاجرو! کم تولنا جُھوٹ چھوڑو بیچنے میں بولنا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اسان بيمار ٿي وڃون ته پريشان ٿي ويندا آهيون ۽ ان بيماري کان ڇوٽڪاري جي لاءِ علاج شروع ڪندا آهيون. جيڪڏهن پنهنجي شهر يا ملڪ ۾ علاج ممڪن نه هجي ته ٻئي شهر يا ملڪ جو سفر ڪرڻ کان به پوئتي نٿا هٽون، مطلب ته ان بيماري کان نجات ماڻڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪيون ٿا. ڪوڙ به هڪ باطني بيماري آهي جيڪا دنيا ۾ ذِلّت ۽ رُسوائي ۽ آخرت جي بربادي جو سبب بڻجي سگهي ٿي، تنهنڪري ڪوڙ کان بچو ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا ۽ خوشنُودي جي لاءِ هميشه سچ ڳالهايو. اچو! ڪوڙ کان بچڻ جي لاءِ ان جا ڪجهه علاج به ٻڌي ونون. ✿ ڪوڙ کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ کان هن طرح دُعا ڪريو ته اي اسان جا رَبّ عَزَّ وَجَلَّ اسان کي ڪوڙ جي نحوستن کان بچاءِ ۽ سچ جون برڪتون ماڻڻ جي لاءِ هميشه سچ ڳالهائڻ جو عادي بڻاءِ. ✿ ڪوڙ جي مذمت تي قرآني آيتون، حديثِ مُبارڪ ۽ بزرگانِ دِين جي قولن جو مطالعو ڪريو، ان طرح سان ڪوڙ کان نفرت پيدا ٿيندي ✿ پاڻ ۾ خوفِ خدا پيدا ڪريو ته جيڪڏهن اسان

جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف هوندو ته ٻين گناهن کان بچڻ سان گڏوگڏ ڪوڙ کان بچڻ به آسان ٿيندو. ✿ سٺي صحبت اپنايو ڇوته ان جي برڪت سان به چڱيون عادتون اپنائڻ جو ذهن ٺهندو.✿ ڪوڙ کان بچڻ جي لاءِ بُزرگن سڳورن جي زندگي جي احوال جو مُطالعو ڪريو ڇوته انهن نيڪ هستين هميشه پنهنجي زندگي شريعتءِ سُنّت جي مطابق گذاري آهي.✿ ڪوڙ جي انجام تي غور ڪريو ڇوته دنياءِ آخرت ۾ڪوڙي ماڻهو کي ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان طرح به ڪوڙ سان نفرت پيدا ٿيندي. ✿ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلي ۾ سفر کي پنهنجو معمول ٺاهيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان به ڪوڙ، غيبت، چغلي وغيره گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهندو. جيڪو هنن گناهن کان بچڻ چاهي ٿو، انهن کي اَمِيرِ اَهلِسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

جھوٹ غیبت اور چغلی سے جو بچنا چاہے وہ
خوب مدنی قافلوں میں دل لگا کر جائے وہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان انهن مدني گلن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ته ڪوڙ جهڙي بُري خصلت کان بچي ۽ سچ جي برڪتن سان مالا مال ٿي سگهون ٿا، ڇوته سچ تمام ڀلائين جو سَبَب ۽ جنت جو رستو، جڏهن ته ڪوڙ تما م بُرائين جي اصل ۽ جهنّم جو رستو آهي. تنهنڪري ڪوڙ کان پاڻ به بچو ۽ پنهنجن ٻارن کي به هن بُري عادت کان پري رکو. پنهنجي اَخلاق کي سنوارڻ ۽ پنهنجي گُفتار ۽ ڪردار کي بهتر کان بهتر بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيو.

## مجلس مدني مُذاڪره جو تعارُف

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسُنَّت ،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلا ل محمد الياس عطارقادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ’’**علم بي شُمار خزانن جو مجموعو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سُوال آهي.**‘‘ جي قول کي عملي جامو پارائيندي سُوال جواب جو هڪ سِلسلو شُروع ڪيو، جنهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾”**مدني مُذاڪرو**“ چيو ويندو آهي. ڪثير اسلامي ڀائر مَدَني مُذاڪرن ۾ عَقائد و اَعمال، فضائِل و مَنَاقِب، شريعت وطريقت،تاريخ وسيرت،سائنس وطِبّ، اَخلاقيات وِاسلامي مَعلُومات، معاشي ومُعاشرتي و تنظيمي مُعاملات ۽ ٻين ڪوڙ مَوضُوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سُوال ڪن ٿا ۽ شيخِ طريقت،امير اَهلسنَّت انهن کي حڪمت ڀريل ۽ عشقِ رسول سان ڀرپور جوابن سان نوازيندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 103 کان وڌيڪ شعبن مان هڪ شعبو ”**مجلسِ مدني مذاڪره**“ بہ آهي جيڪا امير اهلسنت جي هن عطا ڪيل دِلچسپ ۽ عِلم وحڪمت سان ڀرپور مَدَني گلن جي خُوشبوئن سان سڄي دُنيا جي مُسلمانن کي مهڪائڻ جي لاءِ انهن مَدَني مُذاڪرن کي تحريري رسالي ۽ آڊيو (Audio) ويڊيو (Video) سي ڊيز (CDs) جي صُورت ۾ پيش ڪرڻ جي سَعادَت حاصل ڪري ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هينئر تائين مَجلِس مَدَني مُذاڪره ڪيئي آڊيو ڪيسٽون ۽ ويڊيو سي ڊيز ۽ تحريري مَدَني مُذاڪرا پيش ڪرڻ جي سَعادَت بہ حاصل ڪري چڪي آهي ۽ مزيد جي لاءِ ڪوشش جاري آهي.

اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ گڏوگڏ 12 مَدَني ڪمن ۾ بہ حِصّو وٺو.

www.dawateislami.net

## مدني انعامات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شَيخ طَرِيقَت،اَمِيرِ اَهْلِسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفِتَن دور ۾ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشتَمِل شَرِيعَت ۽ طَرِيقَت جو جامِع مجموعو 72 مَدَني اِنعَامَات بَصُورَتِ سوالات (Questions) عَطا فرمايا آهن. پنهنجي اِصلاح جي لاءِ پاڻ بہ هنن **مَدَني اِنْعَامَات** تي عَمَل ڪريو ۽ انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري مدني انعام تي عَمَل جي ذريعي هر مهيني **مَدَني اِنْعَامَات** جا گهٽ مان گهٽ 26 **رسالا** تقسيم ڪري وُصُول ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪريو.

اسان جا اَسلافِ ڪرام بہ نہ صرف پاڻ فڪرِ آخرت ۾ پنهنجي اَعمال جو مُحاسَبو ڪندا هئا، بلڪ ماڻهن کي بہ هن جو ذِهن ڏيندا هئا جيئن تہ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرتِ سَيدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا :"اي انسانو! پنهنجي عملن جو حساب ڪريو، ان کان پهريان جو قيامت اچي وڃي ۽ توهان کان ان جو حساب ورتو وڃي. (حلية الاولياء ، ٥٦/١) مدني انعامات جو غور سان مُطالَعو ڪرڻ کان پوءِ اوهان هن نتيجي تي پهچندو تہ هي اصل ۾ پنهنجو مُحاسبو ڪرڻ جو هڪ جامع نِظام آهي، جنهن کي اپنائڻ کان بعد نيڪ بڻجڻ جي راهہ ۾ حائل رُڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضْل ۽ ڪرم سان آهستي آهستي پري ٿي وينديون آهن ۽ ان جي بَرَڪت سان پابندِ سُنَّت بڻجڻ، گُناهن کان نَفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفاظت جي لاءِ ڪڙهڻ جو ذِهن بڻجندو آهي. اچو مدني انعامات جي هڪ مدني بهار مُلاحظ ڪريو، جيئن

## مدني بهار

نيوڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه ان طرح بيان آهي:

علائقي جي مسجد جا امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي سان وابسته آهن، اُنهن انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي وڏي ڀاءُ کي مَدَني انعامات جو هڪ رسالو تحفي ۾ ڏنو، هو گهر کڻي آيا ۽ پڙهيو ته حيران رهجي ويا ته هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي. مَدَني انعامات جو رسالو ملڻ جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي 5وقت جا نمازي بڻجي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ به سجائي ورتي ۽ مدني انعامات جو رسالو به ڀريندا آهن.

مَدنی انعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اپريل فُول ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مُعَاشَري ۾ ڪوڙ جي هڪ صورت **"اپريل فُول** (April fool)" به آهي جنهن کي **پهرين اپريل** تي رسم جي طور تي ملهايو ويندو آهي، نادان ماڻهو ان ڏينهن پريشان ڪرڻ واريون ڪوڙيون خبرون ٻڌائي، مختلف انداز سان ڌوڪو ڏئي پنهنجي ئي اسلامي ڀائرن کي فُول (Fool يعني بي وقوف) بڻائي خوش ٿيندا آهن، مثال طور ڪنهن کي اها خبر ڏني ويندي آهي ته * اوهان جو جَوان پٽ فلاڻي هنڌ ايڪسيڊنٽ ٿيڻ جي ڪري شديد زخمي آهي ۽ ان کي فُلاڻي اَسپتال ۾ پهچايو ويو آهي * اوهان جو فُلاڻو رشتيدار انتقال ڪري ويو آهي * اوهان جي دڪان ۾ باهه لڳي وئي آهي * اوهان جي دڪان ۾ چوري ٿي وئي آهي * اوهان جي پلاٽ تي قبضو ٿي ويو آهي * اوهان جي گاڏي چوري ٿي وئي آهي * اوهان جي پٽ کي رقم جي لاءِ

www.dawateislami.net

اغوا ڪيو ويو وغيره. پوءِ حقيقت کلڻ تي ”**اپريل فُول، اپريل فُول**“ چئي ان جو مذاق اُڏايو ويندو آهي. جيڪو جيتري صفائي ۽ چالاڪي سان ٻئي کي بي وقوف بڻائي هو پاڻ کي اوترو ئي عقل مند سمجهندو آهي، پر ان ”**فُول**“ کي اهو احساس ناهي هوندو ته هو ڪيتري وڏي ”**ڀُل**“ ڪري چڪو آهي.

**اپريل فُول** کي ”**ڪوڙ جو عالَمي ڏينهن**“ به چيو ويندو آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ گناهه آهي. **مذاق ۾ به ڪوڙ نه ڳالهايو** **چوته** فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ٻانهو ڪامل ايمان وارو نٿو ٿي سگهي ايستائين جو مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ ڇڏي ڏئي جيتوڻيڪ سچو هجي. (مسند احمد،3/290، حديث: 8774)

**اپريل فُول** ۾ ٻين جي پريشاني تي خوشي جو اظهار به ٿئي ٿو، اهڙن کي ڏڃڻ گهرجي ته هو به ان ڪيفيت جو شڪار ٿي سگهن ٿا، عربي مقولو آهي: مَنْ ضَحِكَ ضُحِكَ يعني جيڪو ڪنهن تي کلندو ان تي به کليو ويندو.

**غلط خبر جان وٺي ورتي:** رِينالہ خُورد (پنجاب، پاڪستان) جي 70 سالن جي رِهائشي شخص کي خبر ملي ته ان جي پٽ جو اوڪاڙه ۾ ايڪسيڊنٽ جي نتيجي ۾ انتقال ٿي ويو آهي، هو اوڪاڙه اسپتال اچي رهيو هو ته روڊ تي ڪري پيو ۽ دل جو دورو پوڻ جي ڪري زندگي جي بازي هاري ويو، بعد ۾ خبر پئي ته ڪنهن ڪوڙ ڳالهائي **اپريل فُول** جو مذاق ڪيو هو. (اردو پوائنٽ، يڪم اپريل 2008)

**افسوس!** ايترين خرابين جو مجموعو هئڻ جي باوجود هر سال فرسٽ (1st) (پهرين) اپريل تي ڪوڙ ڳالهائي، پنهنجي مسلمان ڀائرن کي پريشان ڪري انهن تي ٺٺول ڪي تفريح جو نالو ڏنو ويندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ عقلِ سليم عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

افسوس صد افسوس! اڄ جا مسلمان غير مسلمن جي نقل ڪندي ڪوڙ کي بطورِ رسم ملهائي رهيا آهن جڏهن ته پهريان جا ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن مسلمان جي زبان مان ڪوڙي ڳالهه ٻڌندا هئا ته حيرت ۾ مبُتلا ٿي ويندا هئا ته هڪ مسلمان به ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو؟

نقل ڪيو ويو آهي ته مشهور مغل بادشاهه محي الدين اورنگزيب عالمگير جا محترم اُستاد حضرت علامه احمد جيون رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه تشريف فرما هئا ته هڪ شخص اچي چيائين: حضور اوهان جي زوجه محترمه بيوه ٿي وئي آهي. اهو ٻڌي مُلّا جيون رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه سخت پريشاني جي عالم ۾ ڪجهه سوچڻ لڳا، اوهان جي پريشاني ڏسي اتي موجود هڪ شخص چيائين: حضور! اوهان ته اجايو پريشان ٿيو پيا، جڏهن ته اوهان زنده آهيو ته اوهان جي زال ڪيئن بيوهه ٿي سگهي ٿي؟ ته حضرت علامه جيون رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايائون: مان اهو نه سوچي رهيو آهيان ته منهنجي زال ڪيئن بيوهه ٿي، مان ته هي سوچي پريشان آهيان ته ڇا ڪو مسلمان به ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿو؟

اڄ 30**مارچ آهي، پهرين اپريل** اچڻ واري آهي، ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن پهريان ئي اهو ذهن ٺاهيو هجي ته مان هن سال فُلاڻي سان فُلاڻو ڪوڙ ڳالهائي ان کي بي وقوف ٺاهيندس، اچو! هتوهت پنهنجي ربّ تبارڪ وتعاليٰ جي بارگاهه ۾ پنهنجي تمام گناهن، خاص ڪري ڪوڙ ڳالهائڻ کان سچي توبه ڪيون ٿا، جيڪڏهن ڪنهن گذريل سال به پهرين اپريل تي ڪوڙ ڳالهايو هجي ته ان کان به توبه ڪري اها نيت ڪريو ته آئنده ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندا سين.

اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

## ڪوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!
## نه ڪوڙ ڳالهائينداسين نه ڳالهرائينداسين

اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪوڙ ڳالهائڻ مسلمانن جو ڪم ناهي، ان ڪري ڪوشش ڪري هميشه سچ ڳالهائڻ جي عادت اپنايو، زندگي ۾ چاهي ڪهڙو ئي ڏکيو مَرحلو اچي، سخت کان سخت مصيبت ۾ گرفتار ڇو نه هجو، ڪڏهن به ڪوڙ جو سهارو نه وٺڻ گهرجي بلڪ هميشه سچ جو دامن پڪڙي رکو ڇوته سچ ڳالهائڻ جون وڏيون فضيلتون آهن، الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن انهن ماڻهن کي بي شمار انعام واڪرام سان نوازيندو جيڪي ماڻهو دنيا ۾ سچ ڳالهائڻ وارا هوندا، جيئن سيپارو 7سُوْرَةُ مَائِدَه آيت نمبر 119 ۾ اِرْشاد آهي:

هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ؕ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۱۹﴾

**تَرجموڪنز الايمان:** هِي آهي اُهو ڏِينهن جنهن ۾ سچن کي سندن سچ ڪم ڏِيندو، اُنهن جي واسطي باغ آهِن جن جي هيٺان نهرُون جاري آهِن، هميشه هميشه اُنهن ۾ رهندا الله اُنهن کان راضِي ٿيو ۽ اُهي الله کان راضِي، اِها آهي وڏِي ڪاميابِي.

حضرت علامه اسماعيل حقي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”هن آيت مان معلوم ٿيو ته قيامت جي ڏينهن سچ نفعو ڏيندو ۽ ڪوڙ ۽ رياڪاري ڪنهن صورت نفعو نه ڏيندي، تنهنڪري عقلمند انسان کي کپي ته سچائي جي راهه تي هلڻ جي خوب ڪوشش ڪري ، ڇوته ايمان کان پوءِ سچائي کي اختيار ڪرڻ ٻانهي کي نيڪ اعمال ڏانهن راغب ڪندو آهي. (روح البيان، المائدة، تحت الآية: ١١٩، ٢/٣٦٧-٣٦٨۔)

اللهعَزَّ وَجَلَّ اسان کي بہ بروزِ قيامت سچ جون برڪتون نصيب فرمائي ۽ پنهنجي سچي رسول صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سچي تعليمات تي عمل جي توفيق عطا فرمائي جو جنهن هميشہ پاڻ بہ سچ ڳالهايو ۽ ماڻهن کي بہ حق گوئي جي ترغيب ڏياري. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو صادِق وامين هئڻ، ايتري قدر مشهور هو جو اهي غير مسلم جيڪي پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا جاني دشمن هئا، طرح طرح سان ستائڻ جَن جو معمول هو، ڪفر ۽ شرڪ جي اونداهين ۾ ڀٽڪڻ جي باوجود اهي ماڻهو پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صداقت ۽ امانت جا قائل هئا. ۽ پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي دل وجان سان صادِق وامين تسليم ڪندا هئا. اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ زندگي جي دشوار گُذار مرحلن ۾ نہ صرف پاڻ عملي طور تي سچ تي قائم رهيا بلڪ اسان کي سچائي جو پيڪر بنائڻ جي لاءِ پنهنجي فرمانن جي روشني ۾ سچ جي تلقين بہ فرمائي. اچو! سچ جي اهميت ۽ ان جي فضيلت تي مشتمل 3 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو:

1. بارگاهِ رسالت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض گذار ٿيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جنّتي عمل ڪهڙو آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "سچ ڳالهائڻ، ٻانهو جڏهن سچ ڳالهائيندو آهي تہ نيڪي ڪندو آهي ۽ جڏهن نيڪي ڪندو آهي محفوظ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن محفوظ ٿي ويندو آهي تہ جنت ۾ داخل ٿي ويندو آهي."

(المسندللامام احمد بن حنبل ، مسند عبدالله ابن عمرو بن العاص ، رقم ، ٦٦٥٢، ج ٢ ص ٥٨٩)

2. ارشاد فرمايائون: بيشڪ سچائي نيڪي ڏانهن ڪٺي ويندي آهي ۽ نيڪي جنت ڏانهن ڪٺي ويندي آهي ۽ بيشڪ ٻانهو سچ ڳالهائيندو رهندو آهي ايستائين جو الله عَزَّ وَجَلَّ جي ويجهو صديق يعني گهڻو سچ ڳالهائيندڙ ٿي ويندو آهي. (بخاري ، ڪتاب الادب ،باب قول الله تعالي ،رقم ٦٠٩٤ ،ج۴ ،ص ١٢٥)

www.dawateislami.net

3. ارشاد فرمايائون: سچ ڳالهايو جيتوڻيڪ توهان کي ان ۾ هلاڪت نظر اچي چوته انهيء ۾ نجات آهي. (مكارم الاخلاق ،باب في الصدق ...الخ ، ص١١١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪوڙ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "**اِحْيَاءُ الْعُلُوم**" جلد 3 جي صفحي 406 تا 421 جو مطالعو فرمايو، ڪوڙ جي باري ۾ مدني گل حاصل ٿيندا ۽ ڪوڙ کان بچڻ جو ذهن بڻجندو.اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صلَّى اللهُ تعالىٰ على محمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان ڪوڙ جي باري ۾ بيان ٻڌو ته

- ڪوڙ گناهِ ڪبيره، حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.
- قرآن ۽ حديث ۾ ڪوڙ جون گهڻيون سخت وعيدون آيون آهن.
- نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابہ ڪرام جي نظر ۾ ڪوڙ بدترين عادت هئي .
- ڪوڙ کي اسلام کان پهريان بہ معيوب سمجهيو ويندو هو.
- ڪوڙ ايمان جو دشمن ۽ منافق جي نشاني آهي .
- ڪوڙ واپاري کي فاجر بڻائي ڇڏيندو آهي .
- جڏهن تہ سچ ڳالهائڻ واري کي دنيا ۽ آخرت ۾ عظيم برڪتن ۽ بي شمار فائدن کان نوازيو ويندو آهي.

اچو! آخر ۾ ملي هڪ ڀيرو پنهنجي **عزم جو اِظهار** ڪيون ٿا:

www.dawateislami.net

كوڙ جي خلاف اعلانِ جنگ آهي!

نه كوڙ ڳالهائينداسين نه ڳالهرائينداسين اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان كي كوڙ كان نفرت ۽ هميشه سچ جي عادت اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِى الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان كي ختم كندي سنّت جي فضيلت ۽ كجھ سنّتون ۽ آداب بيان كرڻ جي سعادت حاصل كيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت كئي ان مون سان محبت كئي ۽ جنهن مون سان محبت كئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

ان کی سنّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هلڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي”163مدني گل“ مان هلڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

www.dawateislami.net

سيپاري 15 سورهٴ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿۳۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين .

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ ڳڙڪايو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (مُسلِم،ڪتاب اللباس والزينة،باب تحريم التبختر فی المشی...الخ،ص١١٥٦،حديث:٢٠٨٨) ❀ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا تہ ڪجھ اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿانهين ڪان هيٺ پيا لهن. (الشمائل المحمدية للترمذی،باب ما جاء فی مشية رسول الله ، ص٨٧ ،رقم:١١٨) ❀ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري وچٿري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو. ❀ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو. ❀ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي. ❀ رستي تي بہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداود ،ڪتاب الادب،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطريق، ٤/٣٧٠،حديث:٥٢٧٣) ❀ ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا

آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں** اور **آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو    لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب !    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [(1)]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [(2)]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

1 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2 ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

3 ...القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف ڪي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَاَهلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف ڪي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا ڪي 3 پيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

2 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3 ... تاريخ ابنِ عساكر،١٥٥/١٩،حديث:۴۴١٥

www.dawateislami.net